1. ڊاڪٽر زين العابدين سوڍر
2. اعجاز علي سوڍر

# سنڌي طنز و مزاح جو اهم شاعر ۽ نثر نويس شمس الدين بلبل جي تحريرن جو اڀياس

***Abstract:***
*The Mehar has given birth to many knowledgeable and precious personalities. Sir Shamasuddin Bulbul is also at the top of them. Bulbul Sir was a landlord and chief. Bulbul's personality was a multi talented personality. He was a great poet of his day, an excellent poet, an excellent writer, a wise man and a religious saint. He did a great service to his people by his writings and speeches. All his life he tried to keep away the Muslims from European civilization and keep their own civilization. He earned a prominent name in the field of journalism and innovation in journalism. He was the Imam of journalism. His poetry was based on humor and that was for intention of reform and continued to persuade Muslims to seek modern education and to get English education. He was the leader in the field of writing and speaking. He continued to serve Muslims in every field.*

***Key words:*** *Poet, Prose writer, Saint, National Hero, Modern, Reform.*

الله رب العزت انسان سان ڏاڍو پيار فرمائي ٿو. حضرت انسان سندس تخليق جو نادر نمونو اشرف ۽ شاهڪار آهي. ڏٺي پاڪ انسانيت جي رهنمائي، فلاح و بهبود ۽ ننڍن ڪمن جي لاءِ پنهنجي بندن منجهان ڪن کي هن عظيم ڪارِخير جي لاءِ منتخب ڪري کين پنهنجي فضل و ڪرم سان اهي ملڪ ۽ اهي خوبيون عطا فرمائيندو آهي جيڪي کين ان ذميواري پوري ڪرڻ ۾ معاون ۽ مددگار ثابت ٿينديون آهن. هي عطائون کين الله رب العزت طرفان ذات طور مليل هونديون آهن. انهن عطائن جي ڪري اهو بندو ٻين ۾ نمايان نظر ايندو آهي. اهڙن منتخب ٿيل نيڪ صالح بندن جي فهرست ۾ حضرت رئيس القلم رئيس شمس الدين ابن بهادر خان شينوؒ بہ سر فهرست آهي.

رئيس بلبل صاحب جنهن دؤر ۾ جنم ورتو اهو دؤر انگريز سرڪار جو دؤر هو. ان دؤر ملڪ کي بهترين ۽ مايا ناز ماڻهو عنايت ڪيا. هند ۾ سرسيد احمد خان (1817_1898)، الطاف حسين حالي (1837_ 1914)، شبلي نعماني (1857_1914)،

---

1. اسسٽنٽ پروفيسر، عربڪ شعبو، سنڌيونيورسٽي، ڄام شورو
2. پي ايڇ. ڊي اسڪالر، شعبو اسلامڪ ڪلچر، سنڌيونيورسٽي، ڄام شورو

اڪبر الھ آبادي (1846_1921)، نواب وقارالملڪ (1841_1917) ۽ نواب محسن الملڪ (1837_1907) جنم ورتو تہ سنڌ اندر جناب حسن علي آفندي (1830_1895)، سيد الھندو شاھ (1864_1919)، رئيس بلبل (1857_1919) ۽ مولانا تاج محمود امروٽي (1858_1930) جھڙا جوڌا جوان پيدا ٿيا.

## پيدائش:

اوڻويھين صدي جڏھن پنھنجي شروعات ڪئي تہ ان وقت ميھڙ شھر ھڪ ننڍڙو ڳوٺ ھو. ميھڙ جي مٽي ڏاڍي مردم خيز رھي آھي. اھا سعادت بہ ميھڙ جي مقدر ۾ لکيل ھئي جو جناب رئيس بھادر خان شينو ابن ڪمال خان اتر بلوچستان ياڳ ناڙي جي ڳوٺ ڪمال خان کان آيو ۽ اچي ميھڙ کي پنھنجو مسڪن بڻايو. رئيس بھادر خان زميندار گھراڻي جو فرد ھئڻ سان گڏ نھايت متقي ۽ پرھيزگار بہ ھوندو ھو. کيس علم ۽ تصوف سان ڏاڍو شغف ھوندو ھو. رئيس بھادر خان کي ميھڙ ۾ ڪافي زمين ھوندي ھئي. سندس ڪرت زميندار ۽ عبادت ھوندي ھئي. کيس پنجن پٽن جو اولاد ٿيو. ننڍڙو پٽ يعني پنجون نمبر پٽ ميھڙ شھر ۾ 21 فيبروري 1857ع ۾ پيدا ٿيو.(1) سندس نالو محمّد پريل رکيو ويو. رئيس بھادر خان جو سالو آخوند نھال خان ميھڙ جو مشھور عالم فاضل جڏھن سندس گھر آيو تہ ھن الله واري جي نظر جڏھن ننڍڙي محمّد پريل تي پئي تہ کيس ان معصوم ٻار جي اندر لکيل جوھر ۽ ڪمالات نظر آيا. رئيس بھادر خان کي چيائين تہ ھي ٻار وڏي ياڳ وارو ٿيندو. ان ڪري ھن جو نالو شمس الدين رکو. ان وقت کان وٺي سندس نالو شمس الدين سڏجڻ لڳو.

## تعليم:

ننڍڙي شمس الدين جي پالنا ۽ پرورش ڏاڍي چاھ سان رئيس بھادر خان جي نگراني ۾ ٿي. جڏھن تعليم جي عمر کي رسيو تہ کيس ديني تعليم ڏياري وئي. سندس استادن ۾ مولانا عصمت الله پيرزادو جيڪو شھداد ڪوٽ جي مشھور و معروف ديني درسگاھ جو فاضل ۽ ڳوٺ شيخ ماڇو جو رھاڪو ھو، رھڙو شريف جو مولانا محمد صالح (1242ھ_1318ھ) ۽ باغو تيوٽو جو مولانا نبي بخش مھيسر رھيا. ان کان بعد کيس پاٽ شريف ۾ مولانا مخدوم فضل الله صديقي جن وٽ تحصيل علم لاءِ موڪليو ويو ۽ اتي ئي دستارِ فضيلت ٻڌائين. ان دوران رئيس بھادر خان کيس داغ مفارقت ڏئي ھميشہ لاءِ رب ڪريم جي دربار طرف راھي ٿيو.

## زندگيءَ جو احوال:

رئيس شمس الدين 1872ع ۾ ٿوري وقت لاءِ داروغي جي نوڪري بہ ڪئي. اتي سندس مزاج کي ڏسندي ھڪ انگريز انجنيئر کيس شاھنامہ فردوسي جو ھڪ نسخو جيڪو سونھري حرفن ۾ لکيل ھو، اھو تحفي طور ڏنو. جيڪو ھاڻي دھلي جي عجائب خاني ۾ رکيل آھي.

جناب بهادر خان کان بعد سندس سارو ذمو رئيس شمس الدين صاحب جي وڏي ڀاءُ رئيس پير بخش خان جي ڪلهن تي پيو ۽ هو زمينون ۽ راڄ سنڀالڻ لڳو. رئيس شمس الدين صاحب کي شعر لکڻ جو شوق هوندو هو. 1873ع ۾ رئيس پير بخش خان پنهنجي مرضي مطابق ڳوٺ ڪنديور نزد (ٽرڙي محبت) جي هڪ سنڌي پٺاڻ گهراڻي جي نياڻي سان رئيس شمس الدين صاحب جي مرضي خلاف سندس شادي ڪرائي. پاڻ نه چاهيندي به ان وقت وڏي ڀاءُ اڳيان ڪجهه ڪڇي ڪين سگهيو. ان کي رب جي رضا سمجهي خاموشي اختيار ڪئي پر سندس دل ۾ پنهنجي پسند جي شادي ڪرڻ جي تمنا وقتًا فوقتًا ڪر کڻندي رهي. جناب رئيس شمس الدين صاحب کي ان اهليه محترمه جي بطن منجهان ٽي نياڻيون ۽ هڪ پٽ جو اولاد ٿيو. وڏي صاحبزادي کان علاوه باقي سڀ ٻار ننڍي ڄمار ۾ ئي رب ڪريم واپس گهرائي ورتا. سندس وڏي نياڻي جي وفات 1966ع ۾ بلبل هائوس ميهڙ ۾ ٿي. هيءَ نياڻي تمام سليقه شعار، ڀائيپي ۽ برادري جي هر نيڪ ڪم ۾ پهل ڪرڻ واري، همدرد ۽ مددگار هئي. سڀ سندس عزت دل سان ڪندا هئا. رئيس شمس الدين صاحب پنهنجي دل جي تمنا کي پورو ڪرڻ لاءِ حاجي خان محمد شيخ جي نياڻي سان پنهنجو جيون جوڙڻ چاهيو. حاجي خان محمد (عرف خانڻ شيخ) به تمام سٺو زميندار هو. کيس ميهڙ ۾ 1500 ايڪڙ کان مٿي زمين هئي. رئيس شمس الدين صاحب پنهنجي خاندان کان چڱي ريت واقف هو. سو حاجي خان محمد ۽ سندس گهر وارن جي مرضي مطابق پنهنجي ڀائرن کي خبر ڪرڻ بنا ان گهر جي نياڻي محترمه گل خاتون عرف " گل " سان نڪاح ڪيو. اها خبر جڏهن رئيس شمس الدين صاحب جي ڀائرن کي پئي ته سندس گهر جو ماحول نهايت ڪشيده ۽ مشڪل ٿي پيو. ان صورتحال کي ڏسي پاڻ پنهنجي ان اهليه گل خاتون کي ساڻ ڪري سنڌ کي خيرآباد چئي 1879ع ۾ لاهور پهتو. اتي ٻيو ڪو ذريعه معاش نه هئڻ ڪري اخبارن ۾ لکڻ ۽ صحافت کي پنهنجو پيشو بڻايائين. سال کن اتي رهڻ کان بعد وري سال کن دهلي ۾ رهيو. اتي به صحافت سندس پيشو هوندو هو. وري حيدرآباد دکن مستقل رهڻ لاءِ روانو ٿيو. اتي به اخبارن ۽ رسالن ۾ لکڻ ۽ ايڊيٽر جي حيثيت ڪم ڪري پنهنجي معاش جو ذريعو بڻايو.

سندس لکڻي ۾ رب جي ڏات برپا هئي، جنهن ٿوري عرصي ۾ کيس سيني جي دل ۾ جڳهه ناهي ڏني. اتي تمام گهڻو مشهور و معروف ٿيو. اتي اخبار سان منسلڪ ماڻهن ۽ سياستدانن سان سندس واقفيت وڌي. حيدرآباد دکن ۾ ڪافي عرصو رهيو. لاهور واري عرصي دوران بلبل صاحب پنجئه فولاد لاهور، انتخاب لاجواب لاهور، پئسه لاهور ۽ زميندار لاهور اخبارن ۾ نوڪري به ڪندو رهيو ۽ ڪالم ۽ مضمون به لکندو رهيو.(2) انهن اخبارن جي ايڊيٽرن ۽ مالڪن سان بلبل صاحب جي جاڻ سڃاڻ ٿيڻ کان بعد دوستي ٿي. انهن بلبل صاحب جي قابليت ڏٺي. پنجئه فولاد لاهور اخبار ۾ بلبل صاحب جي مڪمل سوانح تصويرن سان گڏ 7 مئي 1906ع ۾ شايع ٿي. ان مضمون کان متاثر ٿي مسٽر گپت راءِ مئنيجر "البرٽ

پريس سکر“ وري بلبل صاحب جي سوانح انگريزي زبان ۾ لکي شايع ڪرائي. ان سوانح جو بعد ۾ سنڌي زبان ۾ ترجمو بلبل صاحب پاڻ ڪيو. بلبل صاحب جي سوانح سنڌي، اردو ۽ انگريزي زبانن ۾ لکيل ۽ ڇپيل آهي.

حيدرآباد دکن ۾ دهلي پنچ، خيرخواهه عالم ۽ ڪشف العلوم اخبارن ۾ نوڪري به ڪيائين. اتي دکن پنچ جو سب ايڊيٽر ۽ خورشيد دکن جو ايڊيٽر ٿي رهيو. اهي پنچ نالي واريون سڀ اخبارون طنزيه ۽ مزاحيه قسم جون اخبارون هيون، جن ۾ بلبل صاحب پنهنجي قلم جا جوهر ڏيکاريا.

## خدمتون:

رئيس شمس الدين صاحب جو مزاج ظرافت جي طرف مائل هو ۽ ڪجهه طنزيه ۽ مزاحيه قسم جي اخبارن ۾ لکڻ جو ڪيس جڏهن موقعو مليو ته پاڻ اتي پنهنجا جوهر ڏيکارڻ شروع ڪيائين. حيدرآباد دکن واري عرصي دوران پاڻ پنهنجي ايڊٽ ڪيل اخبارن جا پرچا باقاعدگيءَ سان پنهنجي وڏي ياءُ کي موڪليندو رهيو. اتي اخبار جي دنيا توڙي علم و ادب، شعر و شاعري ۽ سياسي بصيرت رکندڙ شخصيت جي حيثيت سان وڏي شهرت حاصل ڪيائين. شمس الدين منجهان تخلص شمس جو استعمال ٿيڻ ته سمجهه ۾ اچي ها پر شمس الدين منجهان بلبل، ڳالهه ڪجهه رمز واري نظر آئي پر اها به ” اظهر من الشمس“ وانگر صاف آهي ته رئيس شمس الدين صاحب پنهنجي دلي تمنا جي پورائي خاطر پنهنجي خاندان جو غصو ۽ بغاوت پنهنجي سر تي جنهن نازنين ۽ مهه جبين خاطر ڪنيو، ان جو نالو گل هو، ته گل جو ديوانو ۽ مستانو بلبل ئي ٿي سگهي ٿو. رئيس شمس الدين صاحب پنهنجي شاعري ۽ ذوق ۾ پنهنجو تخلص بلبل منتخب ڪيو. بلبل صاحب گل جو پروانو هو، سو شاعري لکڻ شروع ڪيائين، جنهن ۾ گل سان سندس عشق واضع نظر اچي ٿو. اخباري دنيا سان وابستگيءَ جي ڪري سندس شاعري مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپجندي رهي. شاعري سان گڏ نثر ۾ به يد طولیٰ (مهارت) جو مالڪ هو. حيدرآباد واري عرصي ۾ سندس دوستي ۾ خواجه الطاف حسين حالي، مولانا شبلي نعماني، اڪبر الهه آبادي، مولانا محمد علي جوهر (1878_1931)، سر شاهنواز ڀٽو (1888_1957)، مولانا ظفر علي خان (1873_1956)، مرزا ڪاظم علي غازي، سر سيد احمد خان، نواب سليم الله خان (1871_1915)، جناب وقار الملڪ ۽ جناب محسن الملڪ جا نالا سر فهرست آهن. بلبل صاحب کي محترم گل منجهان صرف هڪ ئي پٽ پيدا ٿيو، جنهن جو نالو عبدالفتاح هو. عبدالفتاح به پنهنجي وقت جو نهايت عمدو شاعر، اديب ۽ صحافي ٿي گذريو آهي. عبدالفتاح جي وفات 17 جنوري 1931ع ۾ ٿي.

تقرير ۽ تحرير هڪ ئي پائي جون هجن. بلبل صاحب جي سندس تحرير ٽِکي هوندي هئي تهڙي سندس تقرير به فصيح هوندي هئي، جو هر ٻڌندڙ تي پنهنجو سحر طاري ڪري ڇڏيندي هئي.

بلبل صاحب کان پھريان سنڌ اندر جيڪي بہ سنڌي اخبارون شايع ڪيون وينديون هيون، انهن اخبارن جي عبارت فارسي زبان جي طرز تي ڪافي مشڪل ۽ ڏکي هئي. اها تحرير عام ماڻهو جي سمجھ کان پري هئي. باقي جيڪي ماڻهو پارسي زبان جا ماهر هئا، اهي ئي ان لکت کي آسانيءَ سان پڙهي سگهندا هئا. ان زماني ۾ سرڪاري ٻولي بہ پارسي هئي، جنهن کي بعد ۾ انگريز سرڪار تبديل ڪيو. بلبل صاحب هن قسم جي طرز تحرير کي شروع ڪري سنڌ اندر رواج ڏيارڻ سان گڏ ان طرز تحرير کي ڪمال جي درجي تائين پهچايو.

رئيس بلبل صاحب پنهنجي قلم سان معاشري جي تمام سٺي نموني عڪاسي ڪئي. معاشري ۾ موجود ظلم خلاف تہ سندس قلم پڙڪا ڪائي اٿندو هو. الله رب العزت کيس جيڪا قلم جي قوت عطا فرمائي هئي ان کي صحيح سمت ۾ استعمال ڪيائين. قلم سان غريبن جو آواز بڻيو. معاشري ۾ موجود برن عنصرن خلاف قلم سان جهاد ڪرڻ سان گڏ پنهنجي تعلقات سان انهن جو خاتمو ڪيائين. پاڻ هڪ مرد مجاهد جي صورت ۾ منظرعام تي آيو. سندس خداد صلاحيتن کيس واقعي رئيس بڻايو. پاڻ مظلوم جو آواز ئي هوندو هو. سنڌ ۾ جيڪي بہ قومي جلسا، جلوس يا ميٽنگون منعقد ٿينديون هيون تہ قوم جا اڳواڻ توڙي عوام بلبل صاحب جي هجڻ کي ضروري سمجهندا هئا.

رئيس پير بخش خان علالت سبب پنهنجي پاءُ کي واپس اچڻ لاءِ اصرار ڪندو رهيو. جنهن ڪري بلبل صاحب سن 1888ع ۾ حيدرآباد دکن کي ڇڏي ميهڙ آيو. اتي ڪجھ ڏينهن رهي ڪراچيءَ طرف راهي ٿيو. ڪراچي ۾ اچڻ شرط جناب حسن علي آفندي صاحب جيڪو رئيس بلبل صاحب جي خوبين ئي خصلتن جو اڳي ئي گرويده هو تنهن پنهنجي ”سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچي“ کي درپيش مسئلن جي ختم ڪرڻ ۾ مددگار ۽ معاون بنائڻ لاءِ کيس پنهنجي اخبار ”معاون“ جي ادارت سونپي. ان وقت مسلمان انگريزي تعليم حاصل ڪرڻ کي ڪفر سمجهندا هئا. ان مسئلي جي حل لاءِ رئيس بلبل صاحب مسلمانن کي انگريزي تعليم جي حصول تي آماده ڪيو تہ وري اهو مسئلو ڪڙو ٿيو تہ ڪجھ مسلمان يورپ جي رسم و رواج ۽ ثقافت جا دلداده ٿي انهن جي طريقن کي اپنائڻ لڳا. مسلمانن کي پنهنجي مذهبي ثقافت سان جڙيل رکڻ لاءِ بہ بلبل صاحب پنهنجو ڪردار احسن طريقي سان ادا ڪيو. بلبل صاحب ڪراچيءَ ۾ پنهنجي خدمتن جي ڪري تمام گهڻو مشهور ٿي ويو.

بلبل صاحب جناب خانبهادر حسن علي آفندي جو سدائين دست بازو ٿي رهيو. آفندي صاحب سندس ذهانت، ذڪاوت ۽ قابليت جو ايترو تہ دلداده ۽ قائل هو جو تقريباً هر اهم ڪم ۾ کيس پاڻ سان گڏ وٺي هلندو هو تہ متان ڪٿي ساڻس مشاورت جي ضرورت پوي تہ هو موجود هجي. ساڻس اڪثر مشاورت ڪندو هو. آفندي صاحب چوندو هو تہ ” مون کي عجب ٿو لڳي تہ اهڙو انسان هڪ ننڍڙي ڳوٺ ۾ ڪيئن پيدا ٿيو؟“(3)

دکن ائگريڪلچرل رليف ائڪٽ سنڌ سان لاڳو ڪرائڻ ۾ حسن علي آفندي صاحب تمام گهڻي ڪوشش ڪئي. ان پوري ڪم ۾ بلبل صاحب بہ ساڻس ٻانهن ٻيلي رهيو. سموري سنڌ جي زميندارن ۽ آبادگارن جي قرضن جي انگن اکرن کي گڏ ڪرڻ جو سارو ذمو بلبل صاحب تي ئي رکيل هو. بلبل صاحب سموري سنڌ جي زميندارن جو سارو احوال ثبوتن سميت گڏ ڪري آفندي صاحب کي ڏنو. ان سلسلي ۾ پونا شهر ۾ ڪميشن ويٺي. آفندي صاحب ان سفر ۾ بہ بلبل صاحب کي ساڻ وٺي ويو. ثبوتن پيش ڪرڻ وقت بلبل صاحب بہ سندس پر ۾ ويٺل رهيو تہ مباده ڪنهن وقت ڪا ڳالهہ پڇي وڃي تہ هو جواب ڏيڻ وقت موجود هجي. آفندي صاحب ان مقصد ۾ ڪامياب ٿيو ۽ دکن رليف ائڪٽ سنڌ سان لاڳو ٿيو.(4) ان ائڪٽ جو فائدو اڄ تائين سنڌ جا آبادگار وٺي رهيا آهن ۽ جنهن جي افاديت ۽ اهميت کان هر مسلمان وڪيل چڱيءَ ريت واقف آهي. (5)

بلبل صاحب جي سيني ۾ قوم جو حقيقي درد هو. سندس شاعري ۽ نثر صرف قوم لاءِ وقف هئا. جهڙو بي باڪ سندس قلم هو تهڙو بي باڪ سندس ڪلام هوندو هو. بيان ۾ تمام اعليٰ ۽ عمده هو. پرجوش تقرير ڪندو هو. 1913ع ۾ رئيس بلبل صاحب جي لکڻ تي "انجمن هلال احمر" جو وفد ترڪيءَ لاءِ امداد حاصل ڪرڻ جي سلسلي ۾ سر حاجي عبدالله هارون (1872_1942) جي سرڪردگيءَ ۾ ميهڙ ۾ آيو تہ پاڻ سيني زميندارن ۽ آفيسرن کي گهرايائين. اتي عوام جو بہ ڪافي وڏو هجوم گڏ ٿي ويو. رئيس بلبل صاحب ان موقعي تي جيڪا پرجوش تقرير ڪئي تہ فنڊ لاءِ روپين جا ڍير لڳي ويا. ان موقعي تي تقرير کان بعد في البديهہ نظم پڙهيائين. ان جون ڪجهہ سٽون هن طرح آهن.

يلي آيا، يلي اي سرگروهہ قوم، دين پرور،
مجاهد في سبيل الله، فائز في هلال احمر،
اوهان جي خاص خدمت آ، خدا جي راهہ ۾، ورنہ
ڪٿي بستان، ڪٿي ويران، ڪٿي بنگلا، ڪٿي هي بر!
هنن جي خير مقدم ۾ اسان کي هيئن چوڻ گهرجي،
اجهي هي زَر، اجهي زيور، اجهي هي گهر، اجي هي سر.(6)

رئيس بلبل صاحب جي ان ولولہ انگيز تقرير ۽ نظم هڪ رقت انگيز نظارو پيدا ڪيو. سڀ ماڻهو جوش ۽ جذبي ۾ پنهنجو سڀ مال ڏيڻ لڳا. ايتر قدر جو هڪ ماڻهو پنهنجو ڪوٽ بہ لاهي ڏنو. جنهن کي نيلام ڪري 125 روپين ۾ وڪيو ويو. (7)

رئيس بلبل صاحب جي قلم ۽ ڪلام ۾ ظرافت نمايان نظر ايندي هئي. سندس نظم و نثر طنزيہ ۽ مزاحيہ هوندا هئا پر سڀ سبق ۽ نصيحت سان پر هوندا هئا. هن مانجهي مرد جي قلم ۽ زبان کي الله رب العزت جيڪا طاقت عطا فرمائي سا صدين گذرڻ باوجود بہ مشڪل سان جنم وٺندي آهي. پاڻ طنز ۽ مزاح جو

شهنشاهہ، ڪلمڪ ۽ زنده دل اديب هو. سندس قلم هر طنز ۽ مسئلي کي سهڻي ۽ سلوڻي سنڌي زبان ۾ اهڙو ته اجاري چٽو ڪيو جو طنز هوندي به سندس نصيحت دلين تي اثر ڪرڻ واري هوندي هئي. پاڻ پنهنجي لکت وسيلي انگريزن ۽ يورپ جي طرز زندگي جي اوڻاين کي بيان ڪري مسلمانن کي پنهنجي اباڻي ۽ اسلامي زندگي جي طرز عمل جا فائدا ٻڌايا ته جيئن مسلمان فرنگي رنگ ۾ رنگجي پنهنجي آخرت برباد نه ڪري ويهي ۽ پنهنجي ثقافت به نه وڃائي ويهي. پاڻ پنهنجي تهذيب ۽ تمدن جو سچو رکوالو هو.

جناب رئيس شمس الدين بلبل صاحب کي سندس وڏي ڀاءُ رئيس پير بخش خان پنهنجي اولاد وانگر پاليو هو. سندس وفات 9 ڊسمبر 1906ع ۾ بلبل هائوس ميهڙ ۾ ٿي. ان ڪري رئيس بلبل صاحب کي واپس ميهڙ اچڻو پيو ۽ اتي ئي زميندار ۽ ذميواري کي مدِنظر رکندي مستقل رهائش اختيار ڪيائين. جناب حسن علي آفندي جي طاقت بلبل صاحب هو. تنهن ڪري هن کيس واپس ڪراچي اچڻ تي اصرار ڪيو پر پاڻ واپس وڃڻ کان انڪار ڪندو رهيو ته هاڻي هتي گهڻيون ذميواريون سپرد ٿيل آهن، انهن کي نڀائڻو آهي. جنهن تي جناب حسن علي آفندي صاحب جي اصرار تي ميهڙ منجهان ئي ڪجهه اخبارن ۽ رسالن ۾ لکندو هو ۽ ايڊيٽرشپ به سنڀاليندو رهيو. "ڪراچي گزيٽ" ڪراچي، "الحق" سکر، "خيرخواهہ" لاڙڪاڻو، "مسافر" حيدرآباد، "آفتاب سنڌ" سکر وغيره جو ايڊيٽر رهيو.

جناب رئيس شمس الدين بلبل صاحب ميهڙ ۾ ٽين شادي 1907ع ۾ ڪئي. جنهن منجهان کيس هڪ پٽ ضياء الدين ضيا (1910_1966) ۽ هڪ نياڻي پيدا ٿيا. ان اهليہ جي وفات جلد ئي 1912ع ۾ ٿي. جنهن ڪري ننڍڙن ٻارڙن جي پرورش خاطر هڪ بيواهہ سان چوٿين شادي به ڪيائين. جنهن منجهان کيس ڪوبہ اولاد نه ٿيو.

سليس اخباري زبان جو کيس موجد مڃيو ويو آهي. چو ته هن قسم جي طرزِ تحرير سڀ کان پهريان بلبل صاحب ئي رائج ڪئي. سنڌي زبان ۾ ظرافت جو بي مثل قلمڪار هو. سندس جا ڪيترائي علمي شاهڪار ڇپيل ۽ اڻ ڇپيل مواد جي صورت ۾ موجود آهن. پاڻ تمام بهترين ڪتاب تصنيف ڪيائين. جن جو تعداد 40 کان مٿي آهي. جيڪي سندس مرتبي ۽ خدائي عطا جا زنده ثبوت آهن. انهن منجهان ڪجهه جا نالا هي آهن.

1.ڪريما نيچرل. 2. ديوان بلبل سنڌي. 3. ديوان بلبل فارسي. 4. بهارِ عشق. 5. رحيما لطيفي. 6.تيرنهن چار مڪرن جا مار. 7. مسلمان ۽ تعليم. 8. عقل ۽ تهذيب. 9. قرض جو مرض ۽ ان جو علاج. 10. صد پند سود مند. 11. شمس المڪاتيب. 12. احسن التواريخ. 13. بهارستان بلبل. 14.آئينہ تجارت مايئہ ظرافت. 15. گنجينئہ معرفت. 16. ظريف الدولہ. 17. قلندر جو ميلو. 18. جهڻ سوال پٽ جواب. 19. ڪارو نيشن ڪپ. 20. حرز البنياد شرح قانون وقف عليٰ الاولاد. 21. گلزارِ لطائف ڀاڱو1 ۽ 2. 22. مسلمانِ سنڌ جي تعليم ۽ سرڪار. 23. انگريز ۽ مسلمان. 24. بخت بازي. 25. حل تجربات يعني شمس اللغات. 26. مزاحيات

پاڻ وقف علي الاولاد جي تحريڪ شروع ڪري سنڌ ۾ ان کي زور وٺرايائين. سنڌ ۾ هي پهريون شخص هو جنهن هن قانون کي رواج ڏياريو. پاڻ ان سلسلي ۾ ڪتاب "حرز البنياد شرح قانون وقف علي الاولاد" لکي شايع ڪرايائين ۽ پاڻ بہ ان تي عمل ڪيائين.

رئيس شمس الدين بلبل صاحب پهريون انسان هو جنهن برصغير ايشيا ۾ بہ قومي نظريو پيش ڪيو. جنهن جو ثبوت سندس جي ڇپيل ڪتاب "جام جم" ۾ رقم تحرير آهي تہ "مسلمانن جا بجڪا جدا ڪريو ۽ هندن جا بجڪا الڳ ڪريو."(8) خبر ناهي تہ ڇو ان ڳالھ کي پاڪستان جي تاريخدانن نظر انداز ڪري سندس هي نظريو بين طرف منسوب ڪري ڇڏيو. نيڪ آ بيا اڳواڻ بہ اسان جا محسن گذريا آهن پر هي هيڏو وڏو اعزاز اسان جي ميهڙ جي هن عظيم انسان جي عطا هئي پر افسوس جو اها سعادت تاريخ ۾ ميهڙ جي مقدر ۾ نہ لکي وئي.

هي عظيم انسان ۽ محسن قوم هميشہ کان ئي پنهنجي وطن ۽ عوام جو درد پنهنجي دل ۾ سانديون ٿي آيو. ڪيس جديد تعليم جي ضرورت ۽ اهميت جو بخوبي اندازو هو. جنهن ڪري پاڻ پنهنجي قوم کي جديد تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ سجاڳ ڪندو رهيو. تعليم جي حوالي سان رئيس بلبل صاحب جون خدمتون بي مثال ۽ لازوال آهن. اهو چوندي اسان ميهڙ وارن جو نہ چاهيندي بہ ڳاٽ فخر ۾ اوچو ٿي وڃي ٿو تہ "سنڌ ۾ مسلمانن کي جديد تعليم طرف راغب ڪرڻ وارو واحد ۽ ڪامياب شخص رئيس شمس الدين بلبل صاحب ئي آهي." مسلمان عوام کي جديد توڙي قديم علمن جي زيور سان آراستہ ڪرڻ لاءِ آماده ڪري ڪين جهالت جي انڌيري منجهان ڪڍي ڪاميابي ۽ روشنيءَ جي رستي تي گامزن ڪري عوام جي دلين ۽ الله رب العزت جي دربار ۾ هڪ اعلىٰ مقام حاصل ڪيو. ڪراچيءَ ۾ جناب حسن علي آفندي صاحب، لاڙڪاڻي ۾ جناب نارو خان لاهوري صاحب، نوشهروفيروز ۾ جناب سيد الهندو شاه صاحب ۽ پٺوري ۾ جناب غلام نبي شاه صاحب جديد تعليم جي حصول لاءِ اسڪولن جي صورت ۾ ادارا قائم ڪيا. اهڙي طرح ميهڙ ۾ جناب رئيس شمس الدين بلبل صاحب بہ هڪ اسڪول جو بنياد رکيو. هنن سڀني اسڪولن ۾ مسلمان پنهنجي ٻارڙن کي تعليم ڏيارڻ لاءِ قطعي طور تيار نہ هئا تہ وري عالم سڳورن پڻ هنن اسڪولن منجهان تعليم پرائڻ کي ڪفر قرار ڏنو.

ميهڙ ۾ مدرسة الاسلام جو بنياد رکيو ويو. شروع ۾ اهو اسڪول جناب وڏيري ڏٽي بخش ٽيهو صاحب جي اوطاق ۾ شروع ڪيو ويو هو جيڪا بلبل هائوس جي سامهون چند قدمن جي فاصلي تي موجود هئي. بلبل صاحب ان اسڪول کي نئين ڪشادي جاءِ تي منتقل ڪري عمده عمارت جي صورت ۾ تعمير ڪرڻ لاءِ زمين حاصل ڪري نقشو تيار ڪرايو. پنهنجي حويلي جي پنيان موجود سندس زرعي زمين منجهان ڪجھ ايڪڙ زمين سڪني ڪري ان عمارت جي جوڙائڻ لاءِ رقم جمع ڪرڻ شروع ڪئي. اٽڪل ڏھ لک پڪيون سرون، ڪجھ لوھ ۽ ٻيو عمارت جو سامان خريد ڪري هڪ عاليشان عمارت جي تعمير جو ڪم شروع

ڪرايو. اجان ان عمارت جا بنياد ئي مس پريا هئا تہ ڪيس داعي اجل جو رباني سڏ ٿيو. جنهن ڪري اهو ڪم اتي رهجي ويو. مسلمانن ان عمارت جي تعمير جي پاڻ ۾ سگهہ نہ سمجهندي هندن سان گڏجي ان عمارت کي مڪمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. اها عمارت سن 1933ع ۾ جڙي راس ٿي. ان عظيم درسگاهہ لاءِ رئيس بلبل صاحب مالي ۽ جاني خدمتون پيش ڪيون. ان خدمتن جي اعتراف طور هندن صرف هڪ سائنس هال تي سندس نالي جي سنگ مرمر جي تختي لڳائي. اهو هڪ هال سندس طرف منسوب ڪيو ۽ اسڪول ۾ سندس خدمتن جي اعتراف طور سينٽرل هال جي مکيہ ديوار تي هڪ وڏي تصوير فريم ٿيل هميشہ لاءِ آويزان رکي. اهي ٻئي شيون اڄ تائين موجود آهن. هن عظيم درسگاهہ جو باني ۽ پايو وجهندڙ جناب رئيس شمس الدين بلبل صاحب ئي آهي. هن قوم کي پنهنجي هن عظيم محسن جي خدمتن عيوض ان درسگاهہ جو نالو Bulbul High School Mehar رکڻ گهرجي ها. هن عظيم انسان جي خدمتن جو سلو تہ هيءَ قوم نہ ڏئي سگهندي پر تنهن هوندي بہ کيس ياد رکڻ ۽ سندس خدمتون ايندڙ نسل کي ٻڌائڻ خاطر هن درسگاهہ جو نالو سندس نالي پٺيان رکڻ گهرجي.

ميهڙ جو هي عظيم سپوت پنهنجو پورو جيون قوم جي خدمت ڪندي، قوم جا ڪجهہ سپنا اڌورا اکين ۾ رکي 13 سيپٽمبر 1919ع ۾ هزارين دلين کي غمن سان ٽمٽار ڪري ۽ اکين ۾ آب ڏئي داعي اجل جي سڏ تي لبيڪ چئي هميشہ لاءِ وڇڙي ويو.

## بلبل صاحب جي شخصيت:

رئيس بلبل صاحب جي شخصيت عجيب شخصيت هئي. سندس شخصيت هڪ ئي وقت ۾ متضاد عنصرن جو سنگم نظر ايندي هئي، جيڪا قابل تعجب ۽ دلچسپ ڳالهہ هئي. سندس شخصيت تقرير جي ڪمال سان سلهاڙيل هئي تہ سندس تحرير بہ ڪمال جي درجي جي هئي. پاڻ رنگين مزاج هو تہ ان سان گڏ مذهب پرست بہ هو، موسيقي ۽ راڳ سان فني وابستگي بہ هئس تہ نماز پنجگانہ جي امامت بہ مستقل مزاجي سان پاڻ سرانجام ڏيندو هو، شاعرانہ ۽ ظريفانہ فڪر ۽ نظر سان گڏ عالمانہ سنجيدگي ۽ متانت بہ هئس، پاڻ ظرافت آميز ٽوٽڪن، نقلن، لطيفن ۽ نڪتن جو ماهر هو تہ ان سان گڏ ٺيٺ اسلامي ڪتابن جو مصنف پڻ هو. سندس مهمان نوازي ۽ سخا پري پري تائين مشهور هئي تہ سندس قناعت، ڪفايت ۽ حساب ڪتاب رکڻ جي سنجيدگي بہ قابل ديد هئي. سندس شخصيت رعب ۽ جلال سان ڀرپور هئي تہ عاجزي، انڪساري، غريب نوازي ۽ خوش مزاجي بہ ڪمال جي ڏسڻ ۾ ايندي هئي. قومي ليڊرن، سياستدانن، تعليمي ماهرن ۽ زميندارن سان گڏجڻ ۽ مجلس دوران سندس هشمت

۽ وقار مٿاهون نظر آيو ته وري بزرگن، پيرن، ولين ۽ عالمن سان گڏ رهاڻ ڪندي هڪ سنجيده عالم، اهل علم بزرگ، ديندار شخصيت ۽ سهڻي سيرت ۽ صورت واري هستي نظر ايندي هئي. پاڻ پنهنجي دؤر جو وڏي پهچ وارو رئيس زميندار ۽ سردار ته هو پر ان سان گڏ سندس ذڪر و فڪر ۾ مشغولي، نقشبندي طريقي ۾ بيعت ۽ قرآن مجيد ۽ حديث رسول ﷺ جي مطالعي ۾ استغراق به قابل تعجب هوندو هو. پاڻ بلڪل خالص مذهبي شخصيت جي روپ ۾ رهندي ڏيٺرن ۾ ناٽڪ به ڏسندو هو. پاڻ عجيب صفتن جو سنگم هو. سندس ۾ متضاد صفتون هڪ ئي وقت ۾ جمع نظر ٿي آيون. اها هڪ انوکي ۽ عجيب ڳالهه سندس شخصيت ۾ موجود هئي.

بلبل صاحب کي شاعريءَ ۾ خاص مَلڪو عطا ٿيل هو. ڪيس سنڌ جو سرسيد، سنڌ جو حالي(9)، سنڌ جو اڪبر الهه آبادي سڏيو ويجي ٿو.(10) سندس شعر ۽ ڪلام کي هندستان ۽ پنجاب جا شاعر به مڃيندا هئا. پاڻ سنڌي، فارسي، هندي ۽ اردو ۾ بي تڪلف شاعري ڪندو هو. اهو هڪ وهبي فيض هو. الله رب العزت طرفان هڪ ڏين هئي، جيڪا ڪيس عطا ٿيل هئي. 1906ع ۾ ”آفتاب سنڌ“ جي نئين سال جي تواريخ جنهن جي هر مصرع مان تواريخ نڪري ٿي جا هن لکي هئي، سا جڏهن هندستان جي شاعرن ڏٺي ته حيران ٿي چيائون ته ڇا سنڌ ۾ اجا به اهڙا علم وارا ماڻهو موجود آهن؟ پاڻ فصيح اللسان ۽ عذب البيان مقرر به هو. وقت جا وڏا وڏا آفيسر ۽ ڪامورا ڪائنس وڏن وڏن ڪمن ۾ صلاح وٺندا هئا. خيرپور دربار وارا به سندس علم جا خاص قدردان هئا. اتي جا وزير مشير ڪيس گهڻي عزت ۽ احترام ڏيندا هئا ۽ خاص خاص ڪمن لاءِ ڪائنس صلاح به وٺندا هئا.

**بلبل صاحب جي طنزيہ شاعري جو نمونو:**

گهر ڪان نڪتا نيٽو نيچر تاڪ ڌنا ڌن تاڪ ڌنا
سر ۾ ٽوپي هٿ ۾ هنٽر تاڪ ڌنا ڌن تاڪ ڌنا
ٽاپ ٽيپ ۾ آڪڙ شاڪڙ، ڏاڙهي ڪوڙي مڇون ماڪڙ
سواري بائيسڪل جي سر سر، تاڪ ڌنا ڌن تاڪ ڌنا
ڪالر ڪوٽ، قميصون، جاڪٽ، پائن ٽا پتلون ۾ پاڪٽ
چيچاٽي بوٽن جي چر چر، تاڪ ڌنا ڌن تاڪ ڌنا
سيٽي ۽ سگريٽ سدائين، گٽمٽ گٽمٽ وات ۾ وائي،
يوسي، آءِ سي، مسٽر مسٽر، تاڪ ڌنا ڌن تاڪ ڌنا
چمچا ڪاٽا، ڪٽ پٽ، ڪڙ ڪڙ، چيمبر ۾ چيئرس جي ٽڙ ٽڙ،
شاش ڪرڻ ۽ بينڙ شرشر، تاڪ ڌنا ڌن تاڪ ڌنا
گيندي صابڻ، برش طرازي، بوس وڪنار، ڪتن سان بازي،

فوٽو، فونو، پيانو، پڪچر، تاڪ ڌنا ڌن تاڪ ڌنا
جنٽلمين مسين جا جوڙا، چيلهه ۾ پاڪر، ڏوڙا سوڙا،
نچ وي باندر، نچ وي باندر، تاڪ ڌنا ڌن تاڪ ڌنا
ڏسج نئون تهذيب نمونو، ”بلبل“ باطل فيشن جهونو،
بابو يابو ميم مڪسچر، تاڪ ڌنا ڌن تاڪ ڌنا(11)

## بلبل صاحب جي طنزيه نثر جو ڪجهه نمونو:

**پنهنجي مضمون ۾ ميلي ۾ ڌمال جو نظارو هنن لفظن ۾ پيش ڪري ٿو:**

ملڪ ملڪ جا فقير فڪريلا، گروهه گروهه گرو ۽ چيلا، ڪي صفا باصفا مست ۽ ملنگ ڪي آرڏونگ آڙٻنگ، ڪي روڏا تونڏا يڪ سر دو گوش، ڪي لنگوٽ بند دلق پوش، ڪن ڪي حال ڏاڍا، ڪن ڪي ڪننا ڪستا، ڪن ڪي ڳانا لعل، ڪن ڪي ٽاميون چيريون، ڪن ڪي ڪنڍا ڪڙا، ڪن ڪي گهنڊ گهڙيال، ڪن ڪي ڪنجون چيلهه سان، ڪن ڪي سونٽا در دست، لعل ولعل، مست و مست، باهر اندر قلندر مست، وڏن ماڻهن جا ڪافين تي وارا، ذري ذري جاءِ تي ماڻهن جا مارا، ٽوٽڻن جا اهڙا وسڪارا جو ڦيڙها لنگيون ٻوگهل ٻارا، رنن روهڙين جا مٽي اوتارا، چڻ آسمان ۾ تارا، مرد انهن ڪي اهڙا اوڏا، جو ڪلها ڪلهن سان، گوڏن ۾ گوڏا، تماشي ۾ اهڙيون محو منظر، جو نه تن جي سڌ نه بدن جي خبر، جي هيٺ ڏسو ته لڪين آدمي گهٽا ۽ گهاٽا، ڪن ڏيان ڌمال ۾، ڪن جا مٽي ئي وات ڦاٽا، اڪيون مٽي، ٻگل ڳاٽا، هڪ ٻئي مٿان اوراٽا. اهو مزو بہ سوا پهر تائين قابل ديد ٿئي ٿو.(12)

**ميلي مان ڳوٺ جي واپسي تي هن طرح بيان ڪري ٿو:**

”ٽن ڏينهن کان پوءِ ماڻهن جي پنتي تياري ٿي، اسٽيشن آزاري ٿي، مسافر چند در چند، دروازا مقفو ته ٽڪيٽ بند، پاسنجرن جي پيهه، موچڙن جي ريهه، بابو يابو ته ماستر ماندو، پوتو پامال ته سنگلر ڪي سياندو، واٽر مين وائڙو ته ٽڪيٽ چيڪر چريو، گارڊ گوڙ بگوڙ ۾ ته ڊرائيور اڙيو، نيٺ جي وڙهي سڙهي پادر ڪائي وجي چڙهيا سي چڙهيا، پر هڪ ٻئي مٿان وجي ڦڙهيا، ايتري ۾ ريل روان، ٽڪيٽ هٿ ۾، خلق نالان، پڙاءُ پڙاءُ تي موچڙي جو نڪاءُ، هر هنڌ تار ته خبردار خبردار، نه ڪلاس جو سنڌو نه پاس جو تڪرار، هڪ هڪ جاءِ تي چار چار، اهڙي دٻ دس چڻ ٻڪرين جا ڌڻ، ڪي اڌ وينا ته ڪي آسيرا، ڪي ايا ته ڪي پاسيرا، پاڻ ۾ اٽ ويهه ۽ مٺ سٺ ڪندا ٿي ويا، نيٺ سيڪو وجي خير سان يا شر سان ڳوٺ پهتو.“(13)

”آيو منهنجو شوقي شير، ڪارو منهن نيرا پير، سيڪو پيلو پُنو، ميلو پُنو.“(14)

## عشقيہ ڪلام جو نمونو:

دل لڳڻ لاءِ دل ڪري جهٽ پٽ
مهَ رخن تي وجي مَري جهٽ پٽ
حسن اڳيان هي دل پتاشو ڏس

جيئن پاڻيءَ ۾ تو ڳري جهٽ پٽ
جي ڪيان تو سوال بوسي جو
هٽ هٽي تو وجي پري جهٽ پٽ
ڪيئن ناصح ادا مان صبر ڪريان
ڏڪ لڳو، سو نٿو ٽري جهٽ پٽ(15)

## ڪتاب چٽ سوال پٽ جواب مان هڪ نمونو نمونو:

سوال: ڪراڙي ماڻهوءَ ۽ پراڻي شراب ۾ ڪهڙي مشابهت آهي؟
جواب: ڪراڙو آدمي ذليل ٿي رهندو ۽ پراڻو شراب عزيز ٿي رهندو.
سوال: سڀ کان تڪليف ڏيندڙ ڪهڙو ڪم آهي؟
جواب: بيڪاري ۾ خوش رهڻ.
سوال: دوست ۽ استقلال ۾ ڪهڙي مشبهت آهي؟
جواب: اهي ٻئي مصيبت جي وقت پڇي ويندا آهن.
سوال: قوم سان بدي ڪرڻ وارو چو ڪهاڙيءَ جي ڳن جهڙو آهي؟
جواب: چو تہ هو پنهنجي هم جنس کي ڪپيندو آهي. (16)

## انگريزي تهذيب جي خلاف لکت جو نمونو:

سگهو انگلينڊ ڏي ادا ٿي تيار، مکن تکيہ بر عمر ناپائدار
سوا انگريزي هجي جاهلي، کہ بي علم بودن بود غافلي
ٿيو مه جبين کان جيڪو جدا، کجا باز زراه خدا
ڪري وٽ ادا خوب بوس وڪنار، کہ فردا نماشي زحق شرمسار
ڪتي پسترڙي کي تون ڪج ڪور ڪور، نباشي زگلزار فردوس دور
تون پيشاب پنهنجي کي هلندي ۾ هار، کجامت بود جائي پرهيزگار(17)

## بلبل صاحب بابت ڪجه اهل علم اڪابرن جا تاثرات:

## شمس العلماءِ مرزا قليچ بيگ:

شاعر ملڪِ سنڌ، شمس الدين
کہ از و بود عالمِ شگفت
بلبل بود اوکہ بامنقار
درمعنیٰ عجيب تر، مي سفت
بود او شمس بر سپهر سخن
کرد آخر غروب وروتي نهفت (18)

## ڊاڪٽر محمد ابراهيم خليل:

ڊاڪٽر خليل صاحب بلبل صاحب بابت ڪجھ هيئن فرمايو: ”حضرت بلبل جي زماني ۾ جيڪي چوٽيءَ جا قومي رهبر ۽ رهنما موجود هئا، انهن ۾ بلبل جي شخصيت نهايت نمايان، منفرد ۽ ممتاز حيثيت واري هئي. ان وقت جا اهي رهبر ۽

رهنما پاڪستان قائم ٿيڻ بعد نهايت اهم ڪليدي عهدن تي قائم ٿيا. جيڪڏهن حضرت بلبل پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ بعد به زنده هجي ها ته سندن مان ۽ مرتبو انهن عمادين کان گهٽ نه هجي ها ڇو ته بلبل انهن سڀني سياسي رهبرن جو دل گهريو دوست هو ۽ سڀ سندس مداح هئا." (19)

## محمد صديق ميمڻ:

"ظرافت ۽ مذاقيه ڪلام جي ڪري بلبل پنهنجن همعصر خواه پيشرو شاعرن کان گوءِ کٽي چڪو آهي. سارو مذاقيه ڪلام ناصحانو ڪلام آهي. (20)

## مولانا دين محمد وفائي (1893_1950):

"بلبل جي لکٽي، ظرافت آميز ۽ پر مذاق هوندي هئي، جنهن ڪري هر هڪ ماڻهو سندس مضمون ڏاڍي شوق ۽ لطف سان پڙهندو هو. هن سنڌي زبان ۾ تمام سنو سڌارو ڪيو ۽ هڪ نئين رنگ ۾ سنڌي ادب ۾ پڻ اضافو ڪيو. پاڻ نثر توڙي نظم ۾ ڪيترائي ڪتاب لکيا. ديني تعليم لاءِ به ڪتابن جو هڪ سلسلو شروع ڪيو. ان سلسلي ۾ به ڪافي ڪتاب لکيا اٿس. سندس مطالعو تمام گهڻو وسيع هو. 1907ع ۾ آل انڊيا ايجوڪيشنل ڪانفرنس ۾ فارسي زبان ۾ تعليم تي بلبل صاحب جيڪا تقرير ڪرڻ فرمائي اها بلاغت ۽ فصاحت جو هڪ بهترين نمونو هئي.ان ڪي هندستان جي وڏن وڏن اڪابرن ۽ نواب وقارالملڪ پارن داد ڏنو." (21)

## حڪيم فتح محمد سيوهاڻي (1882_1942):

"اهو محترم شخص سنڌ جو مشهور شاعر ۽ اهل قلم رئيس شمس الدين بلبل هو، جنهن جي شعر جو شهرو سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهتو هو. سندس قلم جو زور ضرب المثل هو. بلبل صاحب "پرگو ۽ بديهه گو" ظريف ۽ صاحب ذوق سليم شاعر هو. سندس قلم جون گلڪاريون "آفتاب" جي صفحن تي ڏسڻ جهڙيون هونديون هيون. ظرافت نگاريءَ جو ته استاد هو. سندس ڪلام دلچسپ ۽ دلڪش هو. (22)

## ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ (1917_2011):

"رئيس شمس الدين بلبل پنهنجي دؤر جو وڏو اديب، تعليمي اڳواڻ، سياسي مفڪر، محب وطن، بيباڪ صحافي ۽ فارسي ۽ سنڌيءَ جو قادرالڪلام شاعر هو." (23)

## ڊاڪٽر غلام علي الانا (1906_1985):

"بلبل صاحب نه فقط قابل قدر شاعر هو پر هڪ بينظير نثر نويس ۽ ڪامياب صحافي به هو. سنڌ محمدن ايسوسيئيشن ۾ هن تمام گهڻي علمي ۽ ادبي خدمت ڪئي. معاون اخبار جي ايڊيٽري هجڻ واري زماني ۾ سندس لکيل ظريفانه ۽ فلسفيانه مضمون سڄي سنڌ ۾ ڏاڍا پسند ڪيا ويا. دراصل هن بزرگ جي جسارت ئي سنڌي نثر ۾ انقلاب آندو. سنڌ جا ڪي اهل قلم ڪيس "سنڌ جو حالي"

ٻه سڏيندا آهن. چاڪاڻ ته هن مولانا حالي وانگر نثر توڙي نظم جي ذريعي ”سنڌ جي سرسيد“ يعني خانبهادر حسن علي آفندي جي مدد ڪئي“. (24)

## سردار محمد يعقوب سي آءِ اي سابق وزيراعظم رياست خيرپور ميرس:

”اسان جو ارادو نه آهي ته فقط ظاهري لباس ۾ اوهان جي تعريف ڪجي، مگر سچ پچ ته توهان جي اخبار جا مضمون اهڙي سنجيدگيءَ ۽ ڪلام جي خوبصورتيءَ سان سينگاريل هوندا آهن جن جي تعريف ڪرڻ کان سواءِ رهي نه ٿو سگهجي“. (25)

## عبدالله بسمل تڪڙائي (1888_1950):

”بلبل مرحوم پهريون اديب آهي جنهن موجوده سليس نثر نويسي جي طرز ايجاد ڪئي. درحقيقت مرحوم شمس العلماء مرزا قليچ بيگ صاحب (1853_1929) ٻه هن طرز ۾ مرحوم بلبل جو ئي مقلد آهي. ظرافتي نثر نويسي جي ايجاد ٻه سنڌ ۾ پهريائين بلبل مرحوم ڪئي پر ان ۾ سندس خاص قابليت هيءَ آهي جو مخاطب ڪڏهن ٻه پاڻ ڏي محسوس نه ڪندو بلڪ ڪلي ڏيندو ته مخاطب ڪو ٻيو آهي.“ (26)

## پير علي محمد راشدي (1905_1987):

”جڏهن سنڌ جي نئين تاريخ پئي ٺهي، دادو ضلعي تي ماڻهو سنڌ کي ڏنا. جن مان هر هڪ پنهنجي لائن ۾ يگانو هو. صحافت ۽ لٽريچر ۾ رئيس شمس الدين بلبل (ميهڙ)، ادب ۽ تاريخ ۾ علامه دائود پوٽو (1896_1954) (ٿلٽي)، فلسفي، تصوف ۽ متفرق علومن ۾ علامه آءِ آءِ قاضي (1886_1968) (پاٽ).“ (27)

## نتيجا:

1. بلبل صاحب هڪ نبض شناس حڪيم وانگر سنڌي مسلمانن جي رڳ کي ڏٺو ۽ سندن اندر مرض کي پرکي ورتو. ان سان گڏ اهو ٻه سمجهي ورتو ته ڪين ڪهڙي دوا ۽ ڪهڙي نسخي جي ڪيتري ضرورت آهي. انهن جو علاج ڪيئن ٿي سگهي ٿو. پاڻ نثر ۽ نظم جي تحريرن سان گڏ تقرير ذريعي انهن جو ترياڪ ڳاهي استعمال ڪيو.
2. بلبل صاحب هڪ عظيم مفڪر، محب وطن، دورانديش مصلح، صاحب طرز اهل قلم، شعر و سخن ۾ اعليٰ قسم جو طنزيه مزاج نگار، ظرافت جو موجد، اخبار جي سليس زبان جو باني، مدبر سياستدان، صحافت جو امام، اهل علم و عمل عالم ۽ عوام جو درد رکڻ وارو سچو محسن قوم هو.
3. مسلمان قوم کي جديد تعليم جي زيور سان آراسته ڪرڻ لاءِ جستجو ڪرڻ وارو ۽ مسلمان قوم جي فائدن ۽ ترقيءَ لاءِ سوچڻ وارو سچو مسلمان هو.
4. برصغير ايشيا ۾ ٻه قومي نظريو پيش ڪرڻ وارو اولين انسان هو.

5. بلبل صاحب نثر و نظم ۾ يڪسان، تقرير ۽ تحرير جو شهسوار هو. تعليمي ميدان ۾ مسلمانن کي همٿائڻ لاءِ سندس اهم ڪردار رهيو.
6. اخباري دنيا جو بي تاج بادشاهه ۽ صحافت جو امام هو.
7. مسلمان قوم جو هر ميدان تي ڪيس وڙهڻ وارو سچو مجاهد هو.

## تجويزون:

1. بلبل صاحب جي علمي ۽ ادبي خدمتن تي سنڌ يونيورسٽيءَ طرفان پي ايچ ڊي جو تحقيقي مقالو لکرايو ويو آهي، ان مقالي کي ثقافت کاتو سنڌ طرفان ڇپرائي پڌرو ڪيو وڃي تہ جيئن عوام سندن علمي ۽ ادبي خدمتن کان واقف ٿي سگهي.
2. ميهڙ هاءِ اسڪول جو باني جناب بلبل صاحب آهي. ان اسڪول جو نالو "بلبل هاءِ اسڪول ميهڙ" رکيو وڃي.
3. بلبل صاحب جا ڇپيل ڪتاب جيڪي اڻ لڀ ٿي چڪا آهن، انهن کي ٻيهر ڇپرائي منظر عام تي آندو وڃي تہ جيئن نئون نسل سندس ان محنت منجهان لاڀ حاصل ڪري سگهي. ان سان گڏ سندس قلمي مواد کي بہ ڇپرائي پڌرو ڪيو وڃي، ورنہ اهو مواد وقت جي گذرڻ ڪري ختم نہ ٿي وڃي يا اڌوهي جي خوراڪ نہ بڻجي وڃي.
4. بلبل صاحب پنهنجي اولاد لاءِ ڪتابن جو هڪ تمام وڏو ذخيرو جمع ڪيو هو. جيڪو سندس گهر "بلبل هائوس ميهڙ" ۾ اڄ بہ موجود آهي. بلبل هائوس اڄ خالي پيل آهي، ان کي بلبل پبلڪ لائبريري ۾ تبديل ڪيو وڃي تہ جيئن بلبل صاحب جو هي صدقو جاري هلندو رهي.

## حوالا:


1. سوڍر، اعجاز علي، مولانا، مَهان ماڻهو ميهڙ جا، ٻاڳو ڀڃريون، ص 63، حيدرآباد، شاد پبليڪيشن 2021
2. ابڙو، رياض الدين، ڊاڪٽر، سنڌ جو گوهر ناياب، شمس الدين بلبل، ڇاپو پهريون، ص 29، حيدرآباد، ايڊوانس پرنٽنگ ايجنسي 2017
3. خليل، محمد ابراهيم، ڊاڪٽر، بلبل سنڌ، ص39، حيدرآباد، امرتا پبليڪيشن 2015
4. وفائی، دین محمد، مولانا، تذکرہ مشاہیر سندھ، اردو، حصہ اول، اشاعت اول، ص184، جامشورو، سندھی ادبی بورڈ 1991
5. خليل، محمد ابراهيم، شيخ، بلبل سنڌ، ڇاپو پهريون، ص 40، حيدرآباد، امرتا پبليڪيشنز 2015
6. شمس ابن ضيا ابن بلبل، محسن قوم، شمس العلماء، مَلڪ الشعراء سنڌ، رئيس شمس الدين بلبل، ڇاپو پهريون، ص38 ،ڪراچي، پيڪاڪ پرنٽرس ائنڊ پبلشرس 2016
7. ايضًا
8. بلبل، شمس الدين، جام جم، سنڌ جي مسلمانن جا سياسي مسئلا، ص56، 1915

9. سولنگي، محمد عرس اظهر، دادو ضلعو هڪ اڀياس، ص 152، ڄامشورو، سنڌي ادبي بورڊ، 2013
10. جوڻيجو، پاويل، دادو ضلعو ڪالهه ۽ اڄ، ص 227، حيدرآباد، ايسٽ لائين ڪميونيڪيشن، ڇاپو پهريون 2008
11. شمس ابن ضيا ابن بلبل، محسن قوم، شمس العلماء، مَلڪ الشعراء سنڌ، رئيس شمس الدين بلبل، ڇاپو پهريون، ص196 ،ڪراچي، پيڪاڪ پرنٽرس ائنڊ پبلشرس 2016
12. ايضًا ص188
13. ايضًا
14. بلبل، شمس الدين، مزاحيات، ص200، ڇاپو ٻيو، مرتب غلام محمد گرامي، ڄامشورو، سنڌي ادبي بورڊ 2006
15. بلبل، شمس الدين، رئيس، ديوان بلبل ،ص74، ڄامشورو، سنڌي ادبي بورڊ 1982
16. بلبل، شمس الدين، رئيس، چٽ سوال پٽ جواب، ص 41،39، لاهور، وڪٽوريا پريس
17. شمس ابن ضيا ابن بلبل، محسن قوم، شمس العلماء، ملڪ الشعراء سنڌ، رئيس شمس الدين بلبل،ڇاپو پهريون، ص248 ،ڪراچي، پيڪاڪ پرنٽرس ائنڊ پبلشرس 2016
18. خليل، محمد ابراهيم، شيخ، بلبل سنڌ، ص43، حيدرآباد، امرتا پبليڪيشن 2015
19. ايضًا ص177
20. ابن ضيا ابن بلبل، محسن قوم، شمس العلماء، مَلڪ الشعراء سنڌ، رئيس شمس الدين بلبل، ڇاپو پهريون، ص59 ،ڪراچي، پيڪاڪ پرنٽرس ائنڊ پبلشرس 2016
21. ايضًا ص60،61
22. ايضًا ص61
23. ايضًا ص119
24. ايضًا ص122
25. ابڙو، رياض الدين، ڊاڪٽر، سنڌ جو گوهر ناياب، شمس الدين بلبل، ڇاپو پهريون، ص 35، حيدرآباد، ايڊوانس پرنٽنگ ايجنسي 2017
26. شمس ابن ضيا ابن بلبل، محسن قوم، شمس العلماء، مَلڪ الشعراء سنڌ، رئيس شمس الدين بلبل، ڇاپو پهريون، ص62، 131 ،ڪراچي، پيڪاڪ پرنٽرس ائنڊ پبلشرس 2016
27. راشدي، علي محمد، پير، اهي ڏينهن اهي شينهن، جلد ٻيو، ڇاپو ٻيو، ص 88، ڄامشورو، سنڌي ادبي بورڊ 2010